SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 1998

# SINDH ACT NO.V OF 1998

# پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهه (منسوخي) ايڪٽ، 1997

# THE PEOPLE'S MEDICAL COLLEGE AND HOSPITAL NAWABSHAH (REPEAL) ACT, 1997

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1995 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي منسوخي
Repeal of Sindh Act XIII of 1995

3. رنڊڪ هٽائڻ
Removal of Difficulty

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1998

# SINDH ACT NO.V OF 1998

# پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهہ (منسوخي) ايڪٽ، 1997

# THE PEOPLE'S MEDICAL COLLEGE AND HOSPITAL NAWABSHAH (REPEAL) ACT, 1997

[20 جون 1998]

ايڪٽ جنهن ذريعي پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهہ ايڪٽ، 1995 کي منسوخ ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهہ ايڪٽ، 1995 کي منسوخ ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي.

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهہ (منسوخي) ايڪٽ، 1997 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1995 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي منسوخي
Repeal of Sindh

2. (1) پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهہ ايڪٽ، 1995 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

(2) ايڪٽ جي منسوخ ٿيڻ تي.

(a) پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهہ جنهن

| | |
|---|---|
| Act XIII of 1995 | ڪي ان ڪانپوءِ چاڏايل ڪاليج جو حوالو ڏنو ويندو اهو حڪومت ڏانهن منتقل ٿي ويندو ۽ اهڙي منتقلي ڪانپوءِ اهو ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهه طور ڄاتو ويندو ۽ حڪومت طرفان سنڀاليو ويندو؛ |
| | (b) جيستائين ڪجهه ڪنهن ٺيڪي يا معاهدي يا چاڏايل ڪاليج جي عملدارن يا ملازمن جي ملازمت جي شرطن جي متضاد نه هجي، اهي حڪومت ڏانهن منتقل ٿي ويندا اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيئن حڪومت طئي ڪري؛ |
| | (c) چاڏايل ڪاليج جا سمورا حق، ملڪيتون، اثاثا، قرض، وسيلا ۽ ذميداريون حڪومت جا حق، ملڪيتون، اثاثا، قرض، وسيلا ۽ ذميداريون ٿي ويندا. |
| | (d) اهڙي منسوخي کان اڳ چاڏايل ڪاليج طرفان ڪيل ڪو به معاهدو حڪومت طرفان ڪيل معاهدو سمجهيو ويندو؛ ۽ |
| | (e) اهڙي منسوخي کان اڳ چاڏايل ڪاليج طرفان ڪيل يا ان خلاف ڪيل سمورا مقدما ۽ ٻيون قانوني ڪارروايون حڪومت طرفان ڪيل يا ان خلاف ڪيل مقدما ۽ ڪارروايون سمجهيون وينديون ۽ حڪومت طرفان انهن تي ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ منهن ڏنو ويندو. |
| رنڊڪ هٽائڻ<br>Removal of Difficulty | 3. حڪومت منتقلي يا دفعه 2 جي ذيلي دفعه (2) سان لاڳاپيل معاملن جي سلسلي ۾ ڪا رنڊڪ هٽائڻ جي مقصد لاءِ اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿي جيئن اها ضروري سمجهي ۽ اهڙي حڪم کي ايئن ڪارگر سمجهيو ويندو ۽ ان تي ايئن عمل ڪيو ويندو، جيئن اهو هن ايڪٽ جي گنجائشن جو حصو هجي. |

4. پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهه (منسوخي) آرڊيننس، 1997 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**